سکڻ سيکارڻ جي حلقن جو

# جدول

# اولاد جا 3 حق

(قسط: چوٿين)

07 آگسٽ 2025



# سڪڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرائڻ: **5** منٽ

**(3):** جائزو: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اڄ جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ **اولاد جا 3 حق (قسط: چوٿين)** جي متعلق ٻڌايو ويندو ۽ **ننڊ مان اُٿڻ وقت پڙهڻ واري دعا** ياد ڪرائي ويندي ۽ آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو به ورتو ويندو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم!

## دُرُود شريف جي فضيلت

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جنهن مون تي هڪ دفعو درود پاڪ پڙهيو الله پاڪ ان تي 10 رحمتون موڪليندو آهي ۽ ان جي اعمالنامي ۾ 10 نيڪيون لکيون وينديون آهن. (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اولاد جا 3 حق (قسط: چوٿين)

### آيت مبارڪ

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَ لَاۤ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ

(پارو: 28، سورة المُنٰفِقُون: 9)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ايمان وارؤ! توهان جو مال ۽ توهان جي اولاد توهان کي الله جي ذڪر کان غافل نہ ڪري ڇڏين.

معلوم ٿيو تہ مال ۽ اولاد جي محبت، انهن جي سارَ سنڀال ۽ پرورش ۾ ايترو تہ مشغول ٿي وڃڻ جو الله پاڪ جي ياد ئي دل مان نڪري وڃي، مثال طور، نمازن جو وقت نہ ملي، حلال ۽ حرام جي تفريق ختم ٿي وڃي، اهو سخت نقصانڪار آهي. انسان کي گهرجي تہ اولاد جي پرورش دوران نيڪيءَ ڏانهن

1...ترمذی، ابواب الوتر، باب فی فضل الصلاۃ علی النبی صلی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم، صفحہ:144، حدیث:174۔

راغب رهي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اولاد نيڪ ٿيندي، ۽ دنيا سان گڏ آخرت ۾ به فائدو ڏيندي.

## فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هڪ وقت اهڙو ايندو (جو پنهنجي ايمان جي حفاظت ڪرڻ ڏاڍو مشڪل ٿي ويندو)، ان شخص جو ايمان محفوظ رهندو، جيڪو پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ هڪ غار کان ٻي غار ۽ هڪ جبل کان ٻئي جبل ڏانهن ويندو. ان دور ۾ الله پاڪ جي نافرمانيءَ کان سواءِ رزق حاصل نه ٿيندو. اهڙي صورتحال ۾ ٻانهو پنهنجي اهل و عيال ۽ گهر وارن جي ڪري هلاڪ ٿيندو، جيڪڏهن زال ۽ ٻار نه به هجن ته والدين جي ڪري هلاڪ ٿيندو ۽ جيڪڏهن والدين به نه هجن ته رشتيدارن يا پاڙيسرين جي ڪري هلاڪ ٿيندو. صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهو ڪيئن ٿيندو؟ (يعني انسان پنهنجي گهر وارن جي سبب هلاڪت ۾ ڪيئن پوندو؟) فرمايائون: اهي ڪيس تنگدستيءَ جي ڪري عار (شرم) ڏياريندا، جنهن ڪري هو پاڻ کي هلاڪت واري جاءِ تي وٺي ويندو.[(1)] (يعني اهو شخص پنهنجي گهر وارن (زال، ٻارن ۽ خاندان وغيره) جي طعنن کان بچڻ جي لاءِ مال حاصل ڪرڻ ۾ حلال ۽ حرام جي پرواهه نه ڪندو)

## اولاد جا 3 حق

پيارا اسلامي ڀائرو! اولاد جا تمام گهڻا حق آهن، جن مان **9** حق اسان اڳ ۾ سکي چڪا آهيون. **3 حق** اڄ سکنداسين. اچو ته پهريان اڳ ۾ سکيل حق دهرائي وٺون.
**(1):** بهتر ماءُ جي چونڊ ڪرڻ (يعني با اخلاق ۽ ديندار عورت سان نڪاح ڪرڻ) **(2):** ٻار جي ڪَنَ ۾ آذان ڏيڻ **(3):** تحنيڪ ڪرڻ (يعني گُهٽي يا سُتي ڏيڻ) **(4):** ٻار جو سُنو نالو رکڻ **(5):** عقِيقو ڪرڻ **(6):** سُني تربيت ڪرڻ **(7):** اولاد جي

---

1...الزهد الكبير للبيهقي، صفحہ:183، حديث:183۔

درميان فرق نہ ڪرڻ **(8):** اولاد جي نان ۽ نفقي جو بندوبست ڪرڻ (يعني انهن جي کاڌي پيتي ۽ ٻين خرچن جو انتظام ڪرڻ **(9):** بالغ ٿيڻ کان پوءِ بهتر رشتو ملڻ تي سندن شادي ڪرائڻ

اچو تہ اچ وڌيڪ 3 حق سکون ٿا:

## ڇهريون حق: ٻار جو طَوهَر (يعني خُتنو) ڪرائڻ

**وضاحت :** طوهر يعني خُتنو شعائِرِ اسلام (يعني اسلام جي سڃاڻپ) آهي، ان ڪري ان کي مسلماني بہ چوندا آهن.[1] ڪجهہ علائقن ۾ ان کي سنت بہ چيو ويندو آهي، يعني اهو سنو طريقو جيڪو انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام کان هلندو پيو اچي. طرهر يعني ختني جي شروعات حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کان ٿي. اَلحمدُلِلّٰه! مسلمانن ۾ هي پيارو طريقو رائج آهي. اللہ پاڪ اسان کي ان تي استقامت عطا فرمائي.

## ٻيون حق: دِينِي تعليم ڏيارڻ

**وضاحت:** دين جا اهي مسئلا جن جي انسان کي في الحال ضرورت هجي، اهي سکڻ فرض آهي.[2] اولاد جي حقن مان آهي تہ انهن کي گهٽ ۾ گهٽ فرض علم تہ ضرور سيکاريو وڃي. جيڪڏهن موقعو ملي تہ پنهنجي اولاد کي حافظ، عالم، مفتي بڻايو! اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! دنيا ۽ آخرت جون بيشمار برڪتون حاصل ٿينديون. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن قرآن پڙهيو، ان تي عمل ڪيو، قيامت جي ڏينهن ان جي والدين کي اهڙو تاج پارايو ويندو، جنهن جي روشني سج جي روشنيءَ کان بہ وڌيڪ هوندي. [3] ۽ اهڙا بہ حُلا (يعني جُبا) پارايا ويندا، جن جي اڳيان دنيا جي ڪا بہ حيثيت نہ آهي.[4]

---

1…بہارِ شريعت، جلد:3، صفحہ:589، حصہ:16۔
2…فتاوی رضویہ، جلد:23، صفحہ:647۔
3…ابوداود، کتاب الصلاۃ، باب فی ثواب قراءۃ القرآن، صفحہ:239، حديث:1453۔
4…مستدرک، کتاب فضائل القرآن، باب من قراء القرآن وتعلمہ وعمل بہ…الخ ، جلد:2، صفحہ:278 حديث:2086۔

## ٽيون حق : نِياڻِيءَ جي ولادت تي غم نہ ڪرڻ

**وضاحت:** خاص طور تي نياڻيءَ جو هڪ حق هي آهي تہ ان جي ڄمڻ تي غم نہ ڪجي، بلڪ زيادھ خوشيون ملهائجن ۽ اللّٰہ پاڪ جي رضا جي لاءِ ان جي تمام سٺي پرورش ڪئي وڃي .

**حديثن جي روشنيءَ ۾ نياڻيءَ جي پرورش جون فضيلتون:** ۞ جنهن گهر ۾ نياڻي پيدا ٿيندي آهي، فرشتا ان گهر وارن تي سلامتي موڪليندا آهن.[1] ۞ جيڪو نياڻيءَ کي تڪليف نہ ڏئي ۽ نياڻيءَ کي پٽ کان گهٽ نہ سمجهي، اللّٰہ پاڪ ان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو.[2] ۞ جنهن کي ٽن نياڻين جي پرورش نصيب ٿي وڃي، ان جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

## دهرائي

**اڄ اسان اولاد جا 3 حق سکيا آهن، ذهن نشين ڪري وٺو!**

**(1):** ٻار جو طوهر يعني خُتنو ڪرائڻ **(2):** ديني تعليم ڏيارڻ **(3):** ڌيءُ جي ولادت تي غم نہ ڪرڻ

## سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دُعا

### ننڊ مان اُٿَڻ وقت پڙهڻ واري دعا:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْۤ اَحْيَانَا بَعْدَ مَاۤ اَمَاتَنَا وَاِلَيْهِ النُّشُوْرُ

**ترجمو:** سڀئي تعريفون اللّٰہ پاڪ جي لاءِ آهن، جنهن اسان کي موت (ننڊ) کان پوءِ حياتي (بيداري) عطا فرمائي ۽ اسان کي انهيءَ ڏانهن ئي موٽڻو آهي.[4]

---

1…جامع صغير، صفحہ:69، حديث:69، ملخصًا۔
2…مستدرک، کتاب البر والصلة، باب من کن لہ ثلاث بنات فصبر علی لاواٸهن، جلد:5، صفحہ:249، حديث:7428۔
3…معجم اوسط، جلد:4، صفحہ:347، حديث:6199، ملخصًا۔
4…بخاری، کتاب الدعوات، باب وضع الید الیمنی تحت الخذ الایمن، صفحہ:1560، حديث:6314۔

# اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

## روزانو 56 نيڪ اعمال:

(1): سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ (2): پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ (3): هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ (4): رات جو سُوْرَةُالْمُلْك پڙهي يا ٻڌي؟

(5): هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي، تسبيح فاطمه ۽ سُوْرَةالْاِخلاص پڙهي؟ (6): ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ (7): شجري جا اوراد پڙهيا؟ (8): 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ (9): اکين کي گناهن کان بچايو؟ (10): ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ (11): فضول نظري کان بچندي نگاهون هيٺ رکيون؟ (12): 12 منٽ مکتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ (13): اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ (14): غصي جو علاج ڪيو؟ (15): پنهنجو جائزو ورتو؟ (16): پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ (17): ”توهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهايو؟ (18): مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ (19): عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ (20): 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ (21): فجر لاءِ جاڳايو؟ (22): ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ (23): گهر ۾ درس ڏنو؟ (24): مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ (25): سُنت جي مطابق لباس پهريو؟ (26): زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ (27): هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ (28): گناهہ ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهہ ڪئي؟ (29): سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ (30): مسلمانن کي سلام ڪيو؟ (31): سنتّن تي ڪجهه نہ ڪجهه عمل ڪيو؟ (32): ظهر جون چار قَبليہ سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ (33): تهجد يا صلوٰةُاللّيل ادا ڪئي؟ (34): اوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ (35): عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ (36): 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ (37): ٻين کان گهري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل

فون، چارجر، گاڏي وغيرھ) استعمال تہ نہ ڪيون؟ **(38):** ڪوڙ ڳالھائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ **(39):** ڪجھ نہ ڪجھ وقت”مدني چينل“ ڏٺو؟ **(40):** ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ **(41):**وقت تي قرض ادا ڪيو؟ **(42):** عاجزي جا اھڙا لفظ تہ نہ ڳالھايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي ھجي؟ **(43):** صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ **(44):** مسلمانن جي عيبن جي پردہ پوشي ڪئي؟ **(45):** فجر جي نمازڪان بعد واري مدني حلقي ۾ شرڪت ڪئي؟ **(46):** ڪجھ نہ ڪجھ جائز ڪمن کان پھريان بسم الله پڙھي؟ **(47):** چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ **(48):** اسراف کان بچيؤ؟ **(49):** ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ **(50):** تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ **(51):** زبان جي گناھن کان بچيا؟ **(52):** فضول گفتگو کان بچيا؟ **(53):** مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺھڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ **(54):** عمامو شريف ٻَڌو؟ **(55):** پنھنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ **(56):** ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو **12** پيرا ۞ اشـــاري ســـان گفتگو **12** پيرا ۞ نگاھون جُھڪائي گفتگو **12** پيرا.

## ھفتيوار 9 نيڪ اعمال

**(57):** اســـلامي ڀينرن جي ھفتيوار اجتماع ۾ ڪنھن نہ ڪنھن اســـلامي ڀيڻ کي گھران موڪليو؟ **(58):** ھفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ **(59):** ھفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شـرڪت ڪئي؟ **(60):** يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ **(61):** مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنھن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ **(62):** ھفتي ۾

ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ **(63):** هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ **(64):** علائقائي دورو ڪيو **(65):** پهريان اچڻ وارا اسلامي ڀائر هاڻي نہ ٿا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟